*This Question Paper contains 15 printed pages.*

Seat No.: | | | | | | | |

Sl. No. : 100721

# 005(S/A)

(March, 2020)

***Time : 3 Hours]*** ***[Maximum Marks : 100***

---

سوچنائيون:_

(1) هن سوالي پيپر ۾ پنج وڀاڳ آهن.

(2) سوال ۾ اندروني وڪلپ آهن.

(3) ڪابي پاسي وارا انگ مارڪون ڏيکارين ٿا.

(4) لکڻ جي قابليت ڀاشا شڌي ۽ لکڻيءَ جي اصليت کي اڳرائي ڏني ويندي.

---

## وڀاڳ A نظم آڌارت

■ هيٺين مقصد رکندڙ سوالن جا جواب جيئن پڇيل آهن تيئن لکو. [4]

(1) اِنسان ڪنهن ڪان سواءِ نت ڏکا ڪائي ٿو ؟

(2) سچي اُمر ڊڪ ڊوڙ چو ٿي ڪئي وڃي ؟

(3) پاڻ مرادو ڪير ڪلن ٿا ؟

(4) تن کي خوشي عطا ڪرجن کي...... ڪپي ٿي؟

■ هيٺين سوالن جا هڪ جملي ۾ جواب ڏيو : [4]

(5) ڪهڙي ڪارڻ اِنسان آڙاهہ ۾ ڪرندو آهي ؟

(6) راجا پاڻ سان ڪهڙا موتي آندا هُئا ؟

(7) شاعر 'پريم پرڪاش' کي ڪهڙي ڳالهہ ڏکي ٿي لڳي ؟

(8) ڪير فڪر وڌائي ٿو ؟

[4] ■ هيٺين سوالن جا ڇهن پنجن جملن ۾ جواب لکو :

(9) ڪوي ناريءَ کي ڪهڙي صلاح ڏئي ٿو ؟

(10) مڇلي ڇا چوڻ چاهي ٿي ۽ ڇو ؟

[8] ■ هيٺين سوالن جا وستار سان جواب ڏيو :

(11) شاعر قاضي قادن پنهجن بيتن ۾ ڪهڙا ويچار پيش ڪيا آهن؟ پنهنجن لفظن ۾ لکو؟

(12) 'ماءُ ۽ پُٽُ' سانيٽ جو تاتپرج پنهنجن لفظن ۾ لکو

يا

(12) " مندر بس ڪورٽ ٻٽي مافي ورتي چور " هن سٽ ۾ شاعر ڇا ٿو چوڻ چاهي؟ ڪولي سمجهايو.

## ورياڳ B نثر آڌارت

[4] ■ هيٺين مقصد رکندڙ سوالن جا جواب جيئن پڇيل آهن تيئن لکو :

(13) " ٻئي تي ٽيڪا ٽپڻي نه ڪرمتان توتي ٽيڪا ٽپڻي ٿئي"اِهو ڪنهن ڇيو آهي ؟

(14) رامچند بسترو ڇڏيو ته ڪيس بدن ۾ ايڏو ڇا محسوس ٿيو جو سئيٽر پاتائين ؟

(15) ڪانير جي پنيان ڪنهن جي قطار پئي آئي ؟

(16) جمنا پنهنجي پٽ جي ڇني ڪنهنکي ڏيکارڻ لاءِ ڇيو ؟

[4] ■ هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو :

(17) ماڻڪ لال جو پٽ ڪٿي جدو جهد ڪري رهيو هو ؟

(18) گوورڌن پارٽيءَ جو سٽيج سان ڪڏهن واسطو جڙيو هو ؟

(19) ديوان صاحب وڌيڪ تعليم حاصل ڇو نه ڪري سگهيو ؟

(20) گجرات جي ڪهڙي هنڌن تي انيڪ قسمن جي پکين جا ٽولا ڏسڻ لاءِ ملندا آهن؟

■ هيٺين سوالن جا جواب ڇهن پنجن جملن ۾ لکو : [4]

(21) ديوان صاحب جا ڪهڙا دوست هئا؟ اُهي سڀ بمبئيءَ ڇو ويا؟

(22) سوما ۽ رويءَ جي وري ملاقات ڪيئن ٿي ؟

■ هيٺين سوالن جا جواب وستار سان لکو : [8]

(23) "سار" ڪهاڻيءَ جو سرو ڪيتري قدر يوگيہ آهي؟ سمجهايو.

(24) "شيتل پاڻي" ناول انش مان شيتل بابت توهان کي ڪهڙي ڄاڻ ملي ٿي؟ پنهنجن لفظن ۾ لکو.

يا

(24) ديوان صاحب نوڪريءَ ۾ شامل ٿيندي پوءِ ڪيئن اڳتي وڌندو ويو؟

## وڀاڳ (C) ڪتاب آڌارت وياڪرڻ

■ هيٺين هم معني' وارن لفظن کي آمهون سامهون جوڙي لکو : (ڪي بہ چار) [2]

| | الف | ب |
|---|---|---|
| (25) | اکر | دل |
| (26) | من | حرف |
| (27) | مورک | احمق |
| (28) | پاڻي | بدن |
| (29) | ڪايا | جل |

■ هيٺ ليڪ ڏنل لفظن جي جاءِ تي ضد لکي ۽ جملي جي معني' نہ بدلجي اُن نموني وري لکو: (ڪي بہ چار) [2]

(30) هيءَ سياڻو ڇوڪر آهي.

(31) مان توکي سدائين ياد ڪندو آهيان.

(32) هن هرڪا يڪتي آزمائي.

(33) هر ڪا چيز مڪمل آهي.

(34) مونکي تو لاءِ پيار آهي.

■ هيٺين لفظن جي ميڙ لاءِ هڪ لفظ لکو : (ڪي بہ چار) [2]

(35) ٻن ندين جي وچ واري زمين.

(36) ڇهن آڱرين وارو.

(37) گڏ سفر ڪندڙ.

(38) پکين جو ميڙ.

(39) ٻين جي مت تي هلڻ وارو.

■ هيٺين ڳاٽو لفظن جا سنسڪاري لفظ لکو. [1]

(40) ڪونئرو

(41) سٽڻ

■ هيٺيان غلط لفظ سڌاري درست نموني لکو : [1]

(42) ٻاگ

(43) تاڪت

يا

(43) ڪِلڪ

■ هيٺين سوالن جا جواب ڏنگين ۾ ڏنل سوچنا موجب لکو : (ڪي بہ ڇهہ) [3]

(44) مان ٻارهون درجو پڙهندو آهيان (جملي مان صفت ڳولهي لکو)

(45) رامچند نہ فقط نيڪ دل پر..... هو. (خال ۾ ٺهڪندڙ صفت لکو)

(46) رام ٿي آهستي ڳالهائيندو آهي. (جملي مان نپات ڳولهي لکو)

(47) اُتي ٿورا هندو ڪٽمب..... رهندا هئا. (خال ۾ نپات لکو)

(48) هيءَ ڪاڏل ڪڏڪ آهي. (جملي مان ڪردنت ڳولهي لکو)

(49) مونکي اَجا سبق پڙهڻو آهي. (ڪردنت جو قسم لکو)

(50) روشنيءَ ڪي ....... وٺندو آهي. (خال ۾ ٺهڪندڙ ڪردنت لکو)

■ هيٺين اصطلاحن جي معني' ڏيئي جملي ۾ ڪم آڻيو: [2]

(51) منهن لهي وڃڻ

(52) چوٽ چڏڻ

يا

(52) تاڪيد ڪرڻ

■ هيٺين جملن ۾ ڏنگين ۾ ڏنل سوچنا موجب لکو : [3]

(53) منهنجو توهان کي اَرز آهي. (ياشا سڌاري لکو)

(54) اُميد تہ توهان چاڪ هوندا. (جملي ۾ ياشا صحيح ڪريو)

(55) آهي اِمتحان منهنجو سياڻي (جملن جو سلسلو ٺاهي لکو)

يا

(55) پڪڙيا سي ويا جن خون ڪيو

■ هيٺين مرڪب جملن کي مفرد جملن ۾ بدلائي لکو : (ڪي بہ ٻہ) [2]

(56) محنت ڪر نہ تہ ناپاس ٿيندين.

(57) ڊاڪو شاهوڪارن کي فريندو هو پر غريبن کي مدد ڪندو هو.

(58) هو بدنصيب هو. تنهنڪري هن جو خطرناڪ حادثو ٿيو.

■ هيٺين مفرد جملن کي مرڪب جملن ۾ بدلائي وري لکو : (ڪي بہ ٻہ) [2]

(59) گاڏي پڪڙڻ لاءِ توکي جلد وڃڻ گهرجي.

(60) ٻوڏ پوڻ سبب فصل ناس ٿيو.

(61) دوا وٺڻ سان هن کي هڪدم آرام آيو.

## وڀاڱ D شناخت

■ هيٺ ڏنل نظم پڙهي اُن هيٺا ڏنل سوالن جا جواب لکو: [5]

”چئن گهڙين جي زندگي، هرکو هت مهمان
تون پڻ جل جو بدبدو، ڇاتي تي ايمان
غيرت جنهنکي ناهه پنهنجي ننگ ۽ نانو جي
ڍورن جهڙو آهي ، سو مرد گويا جهنگلي.
اَکيون سي ئي ڏار، جن سان پسين پرينءَ کي
ٻي ڏي ڪين نهار گهٽو ريسارا سپرين.
ڪنهن قدوري ڪافيا کي ڪين پڙهيوم
سو پاڙوئي ڪو ٻيو جتان پرين مليو.

سُوال

(62) ايمان ڇو نہ ڪرڻ گهرجي؟
(63) جنهن کي غيرت ناهہ اُهو ڪنهن سمان آهي؟
(64) ڪهڙيون اَکيون ڏارڻ ڪرڻ گهرجن؟
(65) ڪويءَ کي پرين ڪيئن مليو؟
(66) نظم کي ٺهڪندڙ سرو ڏيو؟

■ هيٺ ڏنل نثر جو ٽڪر پڙهي اُنجي هيٺان ڏنل سوالن جا جواب لکو: [5]

ماتا جي شيوا اِنسان جو مکيہ فرض آهي. جيجل جي شيوا عام جي شيوا جي مقابلي ۾ وڌيڪ اُتم آهي ۽ قل بہ اوڏو ئي اَتس. اَمڙ جي آسيس عام شيوا کان گهٽي اَثرائتي آهي ۽ قسمت جو دروازو کولي ٿي. جڏهن ماتا جي پريم پرئي هرديہ مان آسيس نڪري ٿي تڏهن اُن جو اَثر رام ٻاڻ جهڙو اَٽڪس ٿئي ٿو. ماتا جي آسيس ڪڏهن بہ خالي نٿي وڃي اُهو اِنسان سخت احسان فراموش ٿيندو ۽ فرض ادائيءَ کان ڪريل هوندو جو ماءُ پيءُ اَڳيان جهڪي نٿو هلي. درحقيقت بهشت ماءُ جي پيرن

هيٺان آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي ڳولهڻ اچي . ماتا جي تج امرت جو چشمو آهي، جو زندگي بخشي ٿو. ماتا جي هنج هندورو بڻجي ننڊ ۽ آرام ڏئي ٿو. جيڪو اؤلاد ماتا جي ممتا کي ٺوڪر هڻي ٿو، سو سڌو نرڪ ۾ وڃي ٿو.

سوال

(67) اَمڙ جي آسيس عام جي شيوا کان گهڻي اثرائتي ڇو آهي ؟

(68) ڪهڙو انسان سخت احسان فراموش ٿيندو؟

(69) ڪنهن جو اَثر رام ۽ ٻاڻ جهڙو اٽڪس آهي؟

(70) بهشت ڪٿي آهي؟

(71) ٽڪر کي ٺهڪندڙ سرو ڏيو ؟

■ هيٺ ڏنل نثر جو ٽڪر پڙهي اٽڪل ٽئين حسي جيترو اختصار لکي ٺهڪندڙ سرو لکو. [5]

(72) وڻ ٻين جي ڀلي ڪاتر ڇانو ڏيندا آهن ۽ پاڻ اُس ۾ بيٺا رهندا آهن ۽ ساڙيندڙ گرمي سهندا آهن. نيڪ اِنسان جي هلت بہ وڻ وانگر آهي. هن ناسونت سرير مان ڪهڙو فائدو جيڪڏهن اُن مان منش جاتيءَ لاءِ لاڀ نٿو ورتو وڃي؟ صندل کي جيترو گهبو اوتري وڌيڪ سرهاڻ ڏيندو. ڪمند جي ڳڙيءَ جا جيترا وڌيڪ چوتا لاهبا ۽ اُنکي ٽڪرا ٽڪرا ڪبو اوتري وڌيڪ رس ڏيندو. اُهي اِنسان جيڪي نيڪ ۽ ڀلا آهن، سي ساهہ ڇڏڻ تائين پنهنجا گڻ نٿا ڀلائين. اُنهن لاءِ ڪهڙو فرق جيڪڏهن، هن گهڙيءَ مرن يا ڊگهي مدت کان پوءِ؟ ڇا بہ ٿي پوي پر جيڪي صحيح مارگ تي هلن ٿا سي ڪڏهن بہ ٻئي رستي ڏانهن رُخ نٿا رکن. اُن ماڻهوءَ جو جيون بيڪار آهي، جيڪو ٻين لاءِ نٿو جيئي اُهو ڪانون ڪتن جي جيون گذارڻ سمان آهي. جيڪي شخص ٻين صدقي حياتي ڏين ٿا سي پڪ ئي پڪ پرم آنند جي سنسار ۾ واسو ڪن ٿا.

■ هيٺئين فقري جي جملن جو سلسلو زمان انوسار ٺهڪائي لکو : [5]

(73) طوطي جي چهنب ڳاڙهي ۽ وريل هوندي آهي. طوطو عام طرح سائي رنگ جو هوندو آهي. پر ٻين ملڪن ۾ ٻين رنگن جو بہ هوندو آهي. هو سرڪس ۾ بہ ڪم

کندو آهي. طوطو دنيا جي کيترن ملکن ۾ لڀندو آهي. هنجي ڳچيءَ جي چوڌاري لعل پٽي هوندي آهي. ماڻهو اُنکي ڳالهائڻ سيکاريندا آهن. طوطو هڪ سهڻو ۽ وڻندڙ پکي آهي. ماڻهو هن کي ڏيکاءُ لاءِ پاليندا آهن. هن جي لات مٺي ۽ وڻندڙ هوندي آهي.

## ويڀاڳ E لکڻ جي قابليت

(74) توهانجي پاڙي ۾ پوري صفائي ڪانہ ٿي ٿئي اِن لاءِ پنهنجي شهر جي هيلٿ آفيسر کي درخواست ڪريو. [5]

■ هيٺ ڏنل چوڻين مان ڪنهن بہ هڪ جي اُپٽار ڪريو : [5]

(75) ڏک سکن جي سونهن گهوريا سک ڏکن ري.

يا

(75) نيڪي ڪر درياھ ۾ لوڙھ.

يا

(75) توهانجي اِسڪول ۾ ملهايل "شڪشڪ ڏينهن" جو احوال اٽڪل 100 لفظن ۾ لکو.

■ ڪنهن بہ هڪ وشيہ تي اٽڪل 250 لفظن ۾ مضمون لکو: [10]

(76) پردوشڻ.

يا

(76) سوالي پيپر جي آتم ڪٿا.

يا

(76) جيءَ خوش تہ جهان خوش.

◆◆◆